# فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جا اعليٰ اوصاف

20-July-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

20 جولاءِ 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جا اعلیٰ اوصاف

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... محبتِ صديق و فاروق جون برڪتون
- ✿... شير خدا جي هڪ پياري تمنا
- ✿... فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ ۽ دين ۾ پختگي
- ✿... فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جون پسنديده عبادتون
- ✿... پنهنجي عضون کي ڪارآمد بڻايو

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

هڪ ڏينهن الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ حويلي پاڪ کان ٻاهر تشريف کڻي آيا ۽ اڪيلا ئي هڪ پاسي هلڻ لڳا، مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جن ڏٺو ته گهٻرائجي ويا (ته ڪٿي ڪو دشمن نقصان نه پهچائي) بهرحال اُتي الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پويان پويان هلڻ لڳا، پاڻ ڏٺائون ته رسول رحمت، شفيع اُمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن هڪ مقام تي پهچي ڪري بيهي الله پاڪ جي بارگاه ۾ سجدو ڪيو. حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جن هي ڏسي ڪري ادب ڪندي پوئتي هٽي بيهي رهيا، جڏهن الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن سجدي مان مٿو مبارڪ ڪنيو ته حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جن کي ڏسي فرمايائون: اي عمر! مونکي سجدي ۾ ڏسي ڪري توهان هڪ پاسي بيهي رهيا، توهان تمام سنو ڪيو.

پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ وڌيڪ فرمايو:

اِنَّ جِبْرِيْلَ اَتَانِيْ فَقَالَ مَنْ صَلّٰى عَلَيْكَ مِنْ اُمَّتِكَ وَاحِدَةً صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ عَشَرًا وَرَفَعَهُ بِهَا عَشَرَ دَرَجَاتٍ

بيشڪ هاڻي جبريلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام مون وٽ آيا ۽ عرض ڪيائون: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! توهان جو جيڪو به امّتي توهان تي هڪ ڀيرو دُرود شريف پڙهندو، الله پاڪ ان تي 10 رحمتون به نازل فرمائيندو ۽ 10 درجا به بلند

فرمائيندو. (1)

مومنو! پڑھتے نہیں کیوں اپنے آقا پر درود | ہے فرشتوں کا وظیفہ اَلصَّلٰوۃُوَالسَّلَام (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي. [3]

پيارا اسلامي ڀائرو! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دوران سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## محبتِ صديق ۽ فاروق جون برڪتون

حضرت يحيي بن اسماعيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: منهنجي هڪ وڏي ڀيڻ هئي، اها بيمار ٿي پئي، ذهني توازن ويندو رهيو، ڪم و بيش 10 سال کان وڌيڪ عرصو انهيءَ آزمائش ۾ مبتلا رهيون، گهر جي ڇت تي هڪ ڪمرو هيو، اها انهيءَ ڪمري ۾ رهندي هئي. هڪ ڏينهن ايئن ٿيو جو مان پنهنجي ڪمري ۾

---

1 ... معجم اوسط، جلد:5،حديث:6602ملتقطاً۔

2 ... قبالۂ بخشش، صفحہ:164۔

3 مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

ستو پيو هيس، اچانڪ ڪنهن دروازو وڄايو. مون پڇيو: ڪير؟ دروازو وڄائڻ واري هڪ عورت هئي، جڏهن ان پنهنجو نالو ٻڌايو تہ مون حيران ٿي پڇيو: منهنجي ڌيءُ؟ جواب آيو: هائو تنهنجي ڌيءُ آهيان. اهو ٻڌندي ئي مون جلدي ۾ دروازو کوليو، اڄ 10 سالن کان بعد منهنجي ڌيءُ منهنجي ڪمري ۾ داخل ٿي رهي آهي، ان جو ذهني توازن ڪيئن ٺيڪ ٿي ويو؟ آزمائش ڪيئن دور ٿي؟ ان جي باري ۾ ٻڌائيندي منهنجي ڌيءُ چيو: مان سُتي پئي هيس، خواب ۾ ڪنهن مون کي چيو: الله پاڪ توهان جي ڏاڏي جي نيڪي جي برڪت سان اوهان جي پيءُ اسماعيل جي حفاظت فرمائي ۽ توهان جي والد اسماعيل جي برڪت سان تنهنجي حفاظت فرمائي. توهان جو ڏاڏو ۽ والد صاحب شيخين ڪريمين(يعني مسلمانن جي پهرين ۽ ٻئي خليفي) حضرت ابوبڪر صديق ۽ عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْهُما کان محبت ڪندا هئا، انهيءَ ڪري حضرت ابوبڪر صديق ۽ عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْهُما الله پاڪ جي دربار ۾ تنهنجي سفارش ڪئي، هاڻي جيڪڏهن تون چاهين تہ مان دعا ڪيان، الله پاڪ توکي شفا عطا فرمائيندو، جيڪڏهن چاهين تہ صبر ڪر تنهنجي لاءِ جنت آهي. مون چيو: مان تہ جنت چاهيان ٿي، باقي الله پاڪ جي رحمت وسيع آهي، اهو چاهي تہ دنيا ۾ شفاء ۽ آخرت ۾ جنت ٻئي عطا فرمائي ڇڏي. خواب ۾ اچڻ واري چيو: توهان جو ڏاڏو ۽ والد صاحب شيخين ڪريمين رَضِیَ اللہُ عَنْهُما کان محبت ڪندا هئا، ان جي برڪت سان الله پاڪ توکي شفا بہ ڏني ۽ تنهنجي لاءِ جنت جي بہ بشارت آهي.[1]

خُدا کے فَضْل سے میں ہوں گدا فاروقِ اعظم کا
خُدا اُن کا مُحَمَّد مصطفٰے فاروقِ اعظم کا

کرم اللہ کا ہر دَم نبی کی مجھ پہ رَحمت ہے
مجھے ہے دو جہاں میں آسرا فاروقِ اعظم کا

رہے تیری عطا سے یا خُدا! تیری عنایت سے
ہمارے ہاتھ میں دامن سدا فاروقِ اعظم کا[2]

[1] ... مجموع رسائل ابن رجب،جلد:3،صفحہ:101۔

[2] ...وسائل بخشش، صفحہ:526۔

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صحابیِ نبی! حضرتِ صدیق بھی! | جنّتی جنّتی جنّتی جنّتی | سب صحابیات بھی! اور عُمرِ فاروق بھی! | جنّتی جنّتی جنّتی جنّتی (1) |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## فاروقِ اعظم جي محبت ھي فضيلت

عاشقان رسول! ڏنو اوھان مسلمانن جي پھرين ۽ ٻئين خليفي حضرت ابوبڪر و عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُما جي محبت جون ڪھڙيون نراليون برڪتون آھن. شيخ اسماعيل ۽ سندس والد حضرت ابوبڪر صديق ۽ عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُما سان محبت ڪندا ھئا، ان جون برڪتون انھن کي تہ مليون ئي مليون، پر ان محبت جو اثر سندس اولاد کي بہ پھتو ۽ انھي محبت جي برڪت سان ڪين بيمار ذيء کي شفا ملي وئي. اللہ پاڪ اسان کي بہ ھي نرالي، برڪتن واري، رحمتن واري، مشڪلات حل ڪرڻ ۽ جنت تائين وني وڃڻ واري عظيم الشان محبت نصيب فرمائي.

| | |
|---|---|
| بھٹک سکتا نہیں ہرگز کبھی وہ سیدھے رستے سے | کرم جس بخت ور پر ہو گیا فاروقِ اعظم کا |
| خُدا کی خاص رحمت سے، مُحَمَّد کی عنایت سے | جہنّم میں نہ جائے گا، گدا فاروقِ اعظم (2) |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو مختصر تعارف

حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جن عظيم صحابيءِ رسول آھن ﷺ دنيا ۾

[1] …وسائلِ فردوس، صفحہ:53 ملتقطاً۔

[2] …وسائل بخشش، صفحہ:527۔

سندن نالو مبارڪ عُمر آهي۞ آسمانن تي پاڻ ڪي فاروق جي نالي سان سجاتو وڃي ٿو۞ آسماني ڪتاب تورات شريف ۾ سندن نالو مَنْطِقُ الْحَقُّ (يعني حق جي ڳالھ ڪرڻ وارو) آهي۞انجيل شريف ۾ سندن اسمِ گرامي ڪافي آهي۞ ۽ جنّت ۾ سندن نالو مبارڪ سِراج هوندو. (1)

پاڻ 583 عيسوي ۾، هجرت مدينه ڪان 4 سال پهريان مڪي شريف ۾ پيدا ٿيا، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اعلانِ نبوت جي ڇهين سال 614 عيسوي ۾ پاڻ اسلام قبول ڪيو. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن سندن اسلام آڻڻ جي لاءِ دعا فرمائي هئي، تنهنڪري کين مرادِ رسول به چيو وڃي ٿو. (2)

رسول اللہ نے فاروق کو اللہ سے مانگا
چُنا اس پاک نے دیں کے لئے اس پاک ستھرے کو

عطاءِ ربِّ سُبحاں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں
حبیبِ دِین داراں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں

۞حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه جي اسلام قبولڻ سان اسلام کي عزت ۽ غلبي ۾ اضافو ٿيو، ۞ مسلمانن کي حوصلو مليو، حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه جي اسلام قبولڻ کان بعد ئي مسلمانن حرم پاڪ ۾ اعلانيه نماز ادا ڪئي. ۞ رسولِ هاشمي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه کي پنهنجو وزير فرمايو، حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه رسول الله صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا خصوصي مشير رهيا (3)۞ حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه سڄي زندگي حضور صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ جن جي خدمت ڪئي. ۞ 13 سن هجري جي مطابق

[1] ... الرياض النضرة، الباب الثانی، فی مناقب عمر بن خطاب، صفحه:235۔
[2] ... فيضان فاروق اعظم، جلد:1، صفحه:54۔
[3] ... فيضان فاروق اعظم، جلد:1، صفحه:51۔

634 عيسوي يعني 53 سال جي عمر مبارڪ ۾ پاڻ مسلمانن جا ٻيان خليفه بڻيا.

پس صدیق اکبر مصطفیٰ کے سب صحابہ میں | ہے بے شک سب سے اُونچا مرتبہ فاروقِ اعظم کا[1]

24 هجري بمطابق 643 عيسوي ۾مسجد نبوي شريف ۾، نمازِ فجر پڙهائيندي، هڪ ڪافر خنجر سان سندن مٿان حملو ڪيو، جنهن سان پاڻ زخمي ٿيا ۽ مدينه پاڪ ۾ شهادت ماڻي. حضرت صهيب رَضِیَ اللہ عَنْه سندن نماز جنازه پڙهائي ۽ حضور جان ڪائنات، فخرموجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ جي پهلو مبارڪ ۾ مدفن ٿيا.[2]

حیاتی میں تو تھے ہی خدمتِ محبوبِ خالق میں | مزار اب بھی ہے قریبِ مصطفیٰ فاروقِ اعظم کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه نيڪ مومن آهن

سُلطَانُ المُفَسّرِين حضرت عبد الله بن عبَّاس رَضِیَ اللہ عَنْهما فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪنهن مُعَامَلي ۾ فِڪر مند هئا، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ عَنْه عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! فِڪر جي ڪهڙي ڳالهه آهي، الله پاڪ اوهان سان گڏ آهي، ملائڪ اوهان سان گڏ آهن، حضرت جبرائيل، حضرت ميڪائيل عَلَيهِمَا السَّلَام اوهان سان گڏ آهن، حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہ عَنْه اوهان سان گڏ آهي، مان به حاضِرِ خِدمت آهيان، تمام مسلمان اوهان سان گڏ آهن.

حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ عَنْه هن طرح جڏهن پنهنجي محبوب آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دِل جُوئي جو اهتمام ڪيو ته الله پاڪ فاروقِ اعظم

---

[1] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:526۔

[2] ... كرامات فاروقِ اعظم، صفحہ:5-6خلاصۃً۔

رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي تَصدِيق ۾ هيءَ آيتِ ڪريمہ نازِل فرمائي ۽ ارشاد ٿيو: [1]

فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ مَوْلٰىهُ وَ جِبْرِیْلُ وَ صَالِحُ الْمُؤْمِنِیْنَۚ
(پاره28، سورة التحريم:4)

ترجموڪنزُالعِرفان: سو بيشڪ الله پاڻ ان جو مددگار آهي ۽ جبرائيل ۽ نيڪ ايمان وارا.

امام جلال الدين سيوطي هن آيت جي تفسير ۾ فرمايو: صَالِحُ الْمُؤْمِنِيْنَ اَبُوْ بَكْرٍ وَّ عُمَرَ يعني هن آيت ۾ نيڪ مؤمن مان مراد ابو بڪر صديق ۽ عمر فاروق اعظم (رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم) آهن. [2]

عمر کافی نبی کو حَسْبُكَ الله سے یہ ثابت ہے
ہے شاہد جن پہ قرآں حضرت فاروق اعظم ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) :"فاروقِ اعظم"جي لاءِ بخشش ۽ وڏو ثواب آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! سيپاري: 26، سوره حُجُرات جي ٻي آيت ۾ مسلمانن کي حڪم ڏنو ويو تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پاڪ بارگاھ ۾ جڏهن ڪجهہ عرض ڪرڻو هجي تہ هن ڳالھ جو خاص خيال رکيو وڃي تہ ڪنهن جو بہ آواز هر گز محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي آواز مبارڪ کان بلند نہ ٿئي، نہ تہ توهان جا عمل، توهان جون نمازون، توهان جا روزا، توهان جا حج برباد ٿي وڃڻ جو انديشو آهي.

حديث شريف جي مشهور ڪتاب تِرمذي شريف جي روايت آهي، جڏهن اهو حڪم نازِل ٿيو تہ حضرت ابو بڪر صديق، حضرت عمر فاروقِ اعظم ۽ ٻين ڪجهہ صحابي سڳورن عَلَيهِمُ الرِّضوَان پاڻ تي وڏيڪ احتياط لازِم ڪري ورتو،

[1]...مَطْلَعُ الْقَمَرَيْن فِی اِبَانَۃِ سَبْقَۃِ الْعُمَرَيْن، صفحہ:186بتغير قليل۔
[2]...تفسير دُرِّمنثور، پاره:28، التحريم، زيرِ آيت:4، جلد:8، صفحہ:223۔

حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ تہ ايتري آهستہ آواز ۾ ڳالهہ ڪندا هئا جو ڪڏهن تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ٻيهر پڇڻو پوندو هو تہ ڇا ٿا چئو.[1] سندن حق ۾ الله پاڪ فرمايو:

اِنَّ الَّذِیۡنَ یَغُضُّوۡنَ اَصۡوَاتَهُمۡ عِنۡدَ رَسُوۡلِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ الَّذِیۡنَ امۡتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوۡبَهُمۡ لِلتَّقۡوٰی ؕ لَهُمۡ مَّغۡفِرَةٌ وَّ اَجۡرٌ عَظِیۡمٌ ﴿۳﴾

(پاره28، سورة الحجرات: 3)

ترجموڪنزُالعِرفان: بيشڪ جيڪي ماڻهو الله جي رسول وٽ پنهنجي آوازن کي هلڪو رکندا آهن سي اهي ئي ماڻهو آهن جن جي دلين کي الله پرهيزگاري جي لاءِ پرکي چڪيو آهي، انهن جي لاءِ بخشش ۽ وڏو ثواب آهي.

اهي صحابي سڳورا عَلَیۡهِمُ الرِّضۡوَان جيڪي بارگاهہ رسالت ۾ پنهنجو آواز هلڪو رکندا هئا، خاص ڪري حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ ۽ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ انهن جي باري ۾ هن آيت سڳوري ۾ ٻڌايو ويو تہ الله پاڪ انهن جون دِليون تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي لاءِ پرکيون آهن، انهن جي لاءِ آخرت ۾ بخشش ۽ وڏو ثواب آهي.

سُبۡحٰنَ الله! معلوم ٿيو حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ ۽ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي بخشش يقيني آهي، اهي قطعي يقيني جنّتي آهن، ڇوتہ الله پاڪ هن آيتِ ڪريم ۾ انهن جي بخشش جو ۽ انهن جي وڏي ثواب جو اعلان فرمايو آهي.

وہ دسوں جن کو جنّت کا مژدہ مِلا | اس مبارک جماعت پہ لاکھوں سلام[2]

**وضاحت:** يعني اهي 10 خوش نصيب صحابہ ڪرام عَلَیۡهِمُ الرِّضۡوَان جن کي حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن دنيا ۾ ئي جنت جي خوشخبري ٻڌائي آهي ان بابرڪت

[1]…ترمذی، کتاب:تفسیر القرآن، باب:من سورة الحجرات، صفحہ:753، حدیث:3266۔

[2]… حدائقِ بخشش ،صفحہ:311۔

جماعت تي لکين سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شيرخدا جي هڪ پياري تمنّا

پيارا اسلامي ڀائرو! موليٰ علي مشڪل ڪشاء رضی اللہ عنہ نهايت بلند رُتبي وارا صحابي آهن، امام حسن ۽ حسين رضی اللہ عنہما جا والد بہ آهن، مسلمانن جا خليفا بہ آهن، سندن شان ۽ عظمت کان ڪير واقف ناهي. اچو! موليٰ علي شيرخدا رضی اللہ عنہ جي هڪ خوبصورت تمنّا ٻڌون ٿا:

حضرت موليٰ علي رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: هڪ اهڙو اعمالنامو جيڪو مان قيامت جي ڏينهن الله پاڪ حضور ۾ کڻي وڃڻ چاهيان ٿو، اهڙو اعمالنامو مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رضی اللہ عنہ جو آهي.

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً حضرت علي المرتضيٰ شيرخدا رضی اللہ عنہ پاڻ بہ نهايت بُلند رتبي وارا آهن، سندن پاڪيزه سيرت، سندن ڪردار، سندن اخلاق ۽ عادات، عبادات وغيره ۾ بہ ڪا ڪمي ناهي، پاڻ بہ انتهائي باڪمال (*Outstanding*) آهن پر هر ڪمال وارو وڏيڪ ڪمال واري جي طرف رغبت رکندو آهي، يقيناً موليٰ علي رضی اللہ عنہ جو اِهو فرمانِ عاليشان اسان جي تعليم جي لاءِ آهي، اوهان هن مان اندازو لڳايو! حضرت عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ جي سيرت، سندن ڪردار ڪيترو عظيم الشان آهي. هي ذهن ۾ رهي تہ اعمالنامي ۾ انسان جو هر ننڍو وڏو عمل درج هوندو آهي، جڏهن موليٰ علي شيرخدا رضی اللہ عنہ فرمائي رهيا آهن هر اهو ننڍي کان ننڍو ۽ وڏي کان وڏو عمل جيڪو حضرت فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ جي اعمالنامي ۾ لکيو ويو آهي، مان چاهيان ٿو تہ بلڪل اهڙو ئي منهنجي اعمالنامي ۾ بہ لکيل هجي.

# فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جا ڪجھ اوصاف

## (1) فاروقِ اعظم جي دين ۾ پختگي

حديثِ پاڪ جي مشهور ڪتابن بخاري ۽ مسلم شريف ۾ حديث پاڪ آهي: هڪ ڏينهن الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مان سُتو پيو هيس، مون خواب ڏٺو: (خيال رهي! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون صرف اکيون سمهنديون آهن، دل ناهي سمهندي ۽ نبين جا خواب سچا هوندا آهن، خير! پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪهڙو خواب ڏٺو؟ فرمايائون:) مون خواب ڏٺو، مون تي ماڻهو پيش ڪيا ويا، انهن کي قميص پاتل هئي، ڪنهن جي قميص سيني تائين هئي، ڪنهن جي ان کان بہ گهٽ (۽ هڪ ٻيءَ روايت ۾ آهي: ڪنهن جي قميص سيني تائين هئي، ڪنهن جي ڌُنَ تائين، ڪنهن جي گوڏن تائين، ڪنهن جي اڌ پِنيءَ تائين[1]) پوءِ مون کي عمر فاروقِ اعظم (رَضِیَ اللہُ عَنْہُ) ڏيکاريا ويا، انهن جي قميص سندن پيرن کان بہ هيٺ هئي جو هلڻ ۾ گهلجي رهي هئي. صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْھُم پڇيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! اوهان ان جي تعبير ڪهڙي ڪئي؟ فرمايائون: دين[2]

يعني اهي ماڻهون جن جي قميص سيني تائين هئي، اهي ڪمزور ايمان وارا هئا، جن جي قميص ڌُنَ تائين هئي، پهرين کان مضبوط ايمان وارا، جن جي قميص گوڏن تائين هئي، اهي وڌيڪ ڪامل ايمان وارا، جن جي اڌ پِنيءَ تائين هئي، انهن جو ايمان پهرين کان وڌيڪ مضبوط ۽ انهن ڏيکاريل ماڻهن مان سيني کان مضبوط ۽ ڪامل ۽ اڪمل ايمان وارا حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هئا، جو انهن جي قميص پيرن جي هيٺ تائين گهلجي رهي هئي.

مشهور مفسر قرآن، حڪيم الاُمّت، مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہِ هن

---

[1] الصواعق المحرقة،باب الخامس ،فصل الرابع ،صفحہ:119،حديث:41۔

[2] بخاری،کتاب بدء الایمان،باب تفاضل اہل الایمان فی الاعمال ،صفحہ:76 ،حديث:23۔

حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: غالب گمان هي آهي تہ(خواب ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سامهون) انهن پيش ٿيڻ وارن ۾ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه نہ هئا.(جيڪڏهن هجن ها تہ سندن قميص فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه کان بہ وڌيڪ ڊگهي ڏيکاري وڃي ها ڇوتہ پاڻ فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه کان بہ وڌيڪ افضل، دين ۾ گهڻو پختہ ۽ ايمان وارا هئا.) [1]

## دين جي معاملي ۾ سيني کان وڌيڪ سخت صحابي

سُبْحٰنَ الله پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث مان معلوم ٿيو تہ فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه دين ۾ نهايت پختہ ۽ گهڻو مضبوط ايمان وارا آهن. حديث پاڪ ۾ آهي، رسول رحمت، شفيعِ اُمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَشَدُّهُمْ فِیْ دِیْنِ اللهِ عُمَرُ يعني ديني معاملي ۾ سيني صحابہ (رَضِيَ اللهُ عَنْهم) کان وڌيڪ سختي ڪرڻ وارا عمر(رَضِيَ اللهُ عَنْه) آهن.[2] هڪ روايت ۾ فرمايو: يعني اَشَدُّ اُمَّتِیْ فِیْ اَمْرِ اللهِ عُمَر الله پاڪ جي احڪام جي معاملي ۾ منهنجو سيني کان پختو امتي عمر فاروق آهي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه ديني احڪام تي تمام گهڻو عمل ڪرڻ وارا آهن پر حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه جي اها مضبوطي ۽ پختگي ايتري حد تائين پهتل هئي جو هيءُ سندن خصوصيت بڻجي وئي، ايستائين جو حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: صوفياءِ ڪرام(يعني الله پاڪ جا نيڪ ٻانها، اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم) دين جي معاملي ۾ نهايت سخت هوندا آهن(مثلاً فرائض و واجبات تہ پري جي ڳالهہ آهي مستحبن يعني اهي نيڪي جا ڪم جن کي ڇڏڻ ۾ گناهہ ناهي، انهن کي بہ بلڪل ناهن ڇڏيندا، انهن تي بہ مضبوطي سان، استقامت سان عمل پيرا رهندا

[1] مرآة المناجيح،جلد:8 ،صفحہ:363 بتغير قليل۔
[2] ابنِ ماجہ،المقدمہ،فضائل خباب ،صفحہ:38 ،حديث:
[3] الطبقات الكبرىٰ لابن سعد،الطبقة الاولى،ذكر استخلاف عمر،جلد:3 ،صفحہ:220۔

آهن، صوفياءِ ڪرام دين ۾ ايئن سخت هجڻ) حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه کان سکيو آهي.[1]

## (2) فاروق اعظم جي پسنديده عبادت

صحابيءِ رسول حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: 4 ڪم ڪندي وقت مون کي تمام گهڻو مزو ايندو آهي: (1) الله پاڪ جا فرض ادا ڪندي وقت (2) الله پاڪ جي حرام ڪيل ڳالهين کان بچڻ وقت (3) ثواب ماڻڻ جي لاءِ نيڪي جي دعوت ڏيڻ وقت (4) ۽ خوف خدا سبب ماڻهن کي برائي کان منع ڪندي وقت.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو، هيءُ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه جو پيارو وصف آهي ته ڪين ديني معاملي ۾ ٿوري به ڪوتاهي برداشت نه هئي، پاڻ ديني احڪام تي مضبوطي سان عمل ڪندا، الله پاڪ جي منع ڪيل ڳالهين کان بچندا، نيڪي جي دعوت ڏيندا ۽ برائي کان منع ڪندا هئا.

افسوس! اڄڪلهه معاملا ڏاڍا بگڙي ويا آهن. ديني احڪام تي مضبوطي سان عمل ڪرڻ ته پري جي ڳالهه...!! ديني احڪام ڇا آهن؟ هاڻي ته انهن جي معلومات به تمام ٿورن ماڻهن کي هوندي آهي. هونئن اسان کي گهڻو ڪجهه ايندو آهي. وڏا وڏا ناول پڙهيل آهن. اخبار (*News Paper*) روزانو پڙهندا آهيون. موبائلن جي به معلومات (*Information*) آهي. ڪار جو ڪهڙو نئون ماڊل آيو آهي. اڄڪلهه ڪپڙن ۾ نئون فيشن ڪهڙو هلي رهيو آهي. نئين ٽيڪنالوجي. دنيا جي هر ڪنڊ جون خبرون، سڀ ڪجهه معلوم هوندو آهي، ها! ناهي معلوم ته هي ناهي معلوم ته الله پاڪ مون کي ڪهڙو حڪم ڏنو آهي، پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مونکي زندگي گذارڻ جو طريقو ڪهڙو ٻڌايو آهي.

---

[1] ڪَشْفُ الْمَحْجُوب، ذڪْرِفاروقِ اعظم، صفحه:106بتغير قليل.
[2] ڪتاب اللمع،ڪتاب الصحاب،ذڪر عمر بن الخطاب،صفحه:175.

ظاهر آهي جڏهن دين جو علم ناهي ته ان تي عمل ڪيئن ڪندو؟ **اي عاشقانِ رسول!** اسان ڪي ڊڄڻ گهرجي، الله پاڪ جي عذاب کان، ان جي پڪڙ کان ڊڄڻ گهرجي، دين جي معاملي ۾ سستي (***Laziness/Heedlessness***) کان ڪم وٺڻ، پاڻ گناهن ۾ پوڻ، اسان جي اکين جي سامهون دين جي مخالفت ٿي رهي هجي، ان جي پرواهه نه ڪرڻ، هي وڏي نقصانده باطني بيماري آهي، ان کي تَساهل في الله (يعني ديني معاملي ۾ سستي ڪرڻ) چوندا آهن.

افسوس هي بيماري اسان جي معاشري ۾ ڦهلجي چڪي آهي. ❁پٽ نماز نٿو پڙهي، والد کي ان جي بلڪل فڪر ناهي هوندي. ❁ گهر ۾ گاناباجا وڄن ٿا. ❁ فلمون ڏٺيون وڃن ٿيون. ❁ للّٰه پاڪ جي نافرماني ٿيندي آهي پر گهر جي سربراهه کي بلڪل پرواهه ناهي هوندي. هي تَساهُل في الله آهي ۽ تمام گهڻي نقصانده باطني (***Harmful***)بيماري آهي.

## نيڪ شخص به عذاب ۾

سرڪار مدينه قرار قلب و سينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: الله پاڪ حضرت جبريل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم فرمايو ته فلاڻي شهر کي سندس رهڻ وارن سميت تباهه ڪري ڇڏ! حضرت جبريل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي ربّ ڪريم! انهن ماڻهن ۾ تنهنجو فلاڻو نيڪ ٻانهو به آهي جنهن اک ڇنڀ جيتري به ڪڏهن تنهنجي نافرماني ناهي ڪئي. الله پاڪ فرمايو: اَقْلِبْهَا عَلَيْهِمْ فَاِنَّ وَجْهَهٗ لَمْ يَتَمَعَّرْفِيَّ سَاعَةً قَطُّ يعني شهر کي انهن تي اونڌو ڪري ڇڏ ڇوته منهنجي نافرمانيون ڏسي ڪري ان نيڪ شخص جو رنگ ڪڏهن تبديل نه ٿيو(يعني ان کي منهنجي نافرماني ڏسي ڪري ڪڏهن برو نه لڳو) [1]

[1] شُعَبُ الايمان،باب فی الامر بالمعروف و النہی عن المنکر،جلد:6 ،صفحہ:97،حدیث:7595

## بُرائي کي دل ۾ بُرو ڄاڻيو

صحابہ رسول حضرت ابوسعيد خُدّري رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان روايت آهي تہ حضورِ پاڪ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو تہ توهان مان کو جڏهن ڪنهن بُرائي کي ڏسي تہ ان کي گهرجي تہ بُرائي کي پنهنجي هٿ سان روڪي ۽ جيڪو پنهنجي هٿ سان روڪڻ جي طاقت نٿو رکي تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجي زبان سان روڪي ۽ جيڪو پنهنجي زبان سان روڪڻ جي طاقت نٿو رکي تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجي دل ۾ بُرو ڄاڻي ۽ هي ڪمزور ترين ايمان جي علامت آهي[1]

## ڇا اسان دل ۾ برو سمجهون ٿا؟

هي حديث شريف لکڻ کان بعد شيخ طريقت اميراهلسنت فرمائن لکن ٿا: ❁ پنهنجي ضمير کان سوال ڪيو تہ ڪنهن کي گناهہ ڪندي ڏسي هٿ يا زبان سان روڪڻ ۾ پاڻ کي لاچار هجڻ جي صورت ۾ ڇا اوهان دل ۾ برو ڄاڻو ٿا؟ صد ڪروڙ افسوس! ❁ ٻارن جي ماءُ ماني پچائڻ ۾ دير ڪري، ❁ ڪاڏي ۾ لوڻ تيز ٿي وڃي، ❁ پٽ اسڪول جي موڪل ڪري تہ ضرور برو لڳندو آهي پر گهروارن جون روزانو پنج نمازون قضا ٿي رهيون آهن تہ نِراڙ تي گُهنج جو نشان بہ نہ پوي، انهن کي سمجهائڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪئي وڃي، حالانڪ جيڪڏهن ٻار ڏهہ سال جو ٿي وڃي ۽ نماز نہ پڙهي تہ پيءُ تي واجب آهي تہ مار ڪُٽ ڪري بہ پڙهائي، نہ تہ گنهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار ٿيندو، ❁ اوهان ئي ٻڌايو ڇا اوهان جي هي عادت درست آهي ❁ اوهان سوچيو! مثلاً ميوزڪ وڄي رهيو هجي، بيشڪ روڪڻ تي قدرت ناهي پر ڇا هي دل ۾ ڪٽڪي پيو؟ ڇا اوهان ان کي برو محسوس ڪري رهيا آهيو؟ جي نہ، انهي ڪري جو پاڻ پنهنجي

[1] مسلم،كتاب الايمان،باب بيان كون النهى...الخ،صفحہ:42 ،حديث:49

موبائل ۾ بہ مَعَاذَالله "ميوزيڪل ٽون" موجود آهي! بہ شخص گھٽي ۾ ڪارگند ڪري رهيا آهن، برو لڳو؟ جي نہ، ڇو؟ انهيءَ ڪري جو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي وات مان بہ مَعَاذَالله گار نڪري ئي ويندي آهي، ❁ فلان ڪوڙ ڳالهايو، اوهان تي ناگوار گذريو؟ جي ها، انهيءَ ڪري جو منهنجو ذاتي نقصان ٿيو، باقي الله پاڪ جي رضا جي لاءِ برو ڪيئن لڳندو جو پنهنجي زبان مان بہ مَعَاذَالله ڪوڙ نڪري ئي ويندو آهي، هي مثال صرف چوٽ ڪرڻ جي لاءِ آهن نہ تہ گھٽن جي حالت هي بہ آهي تہ پنهنجي فون ۾ ميوزيڪل ٽون ناهي، گار ۽ ڪوڙ جي عادت ناهي، پوءِ بہ دل ۾ برو ڄاڻڻ جو ذهن ناهي، جيڪڏهن رضاءِ الٰهي جي لاءِ حقيقي معنيٰ ۾ برائيءَ کي دل ۾ برو ڄاڻڻ جي سوچ ٺهجي وڃي، ڪڙهڻ جي عادت ٺهجي وڃي تہ معاشري ۾ اصلاح جو دور اچي وڃي، ڇو تہ جڏهن اسان برائين کي دل سان برو سمجهڻ ۾ پاڻ پڪا ٿي ويندا سين تہ ٻين کي سمجهائڻ بہ شروع ڪنداسين ۽ اِن شَآءَالله پوءِ هر طرف سنتن جي بهار اچي ويندي .[1]

الله پاڪ اسان جي حالت تي رحم فرمائي ۽ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه جي صدقي اسان کي بہ هي سوچ ، هي فڪر، هي پيارو پيارو جذبو ملي وڃي تہ اسان بہ ديني معاملي ۾ بلڪل ڪوتاهي نہ ڪيون ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي دين ۾ ڪوتاهي ڪندي ڏسو تہ يڪدم موقعي جي مناسبت سان، پياري ۽ حڪمت ڀري انداز ۾ دعوت پيش ڪندا ڪيو.

| | |
|---|---|
| دے دُھن مجھ کو نیکی کی دعوت کی مولیٰ | مچادوں میں دھوم اُن کی سنّت کی مولیٰ |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] نيڪی کی دعوت،صفحہ:466 تغير قليل

## (3) فاروق اعظم جي اعلي ظرفي

پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جي ٻئين خليفي عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي پاڪيزه اوصاف مان هڪ نهايت پيارو وصف هي به آهي ته پاڻ نهايت اعليٰ ظرف جا مالڪ هئا. ڪوبه ڪين چڱي ڳالهه جي طرف توجهه ڏياريندو هيو ته پاڻ خوش به ٿيندا هئا ۽ ان کي قبول به ڪندا هئا. سندن فرمان آهي: اَحَبُّ النَّاسِ اِلَیَّ مَنْ رَّفَعَ اِلَیَّ عُیُوْبِیْ يعني منهنجي نزديڪ سڀني کان وڌيڪ پسنديده شخص اهو آهي جيڪو منهنجا عيب ٻڌائي.[1]

## عورت صحيح چيو

هڪ ڀيري هڪ عورت ڀريل مجلس ۾ سندن راءِ (*Viewpoint/Opinion*) کان اختلاف(*Disagree*) ڪيو ۽ سندن مقابلي ۾ پنهنجي راءِ ڏني، پاڻ نهايت بردباري (*Tolerance/Patience*)سان، غور سان سندس ڳالهه ٻڌي، پوءِ ان جي راءِ کي قبول ڪندي فرمايائون: اِمْرَاَۃٌ اَصَابَتْ وَ رَجُلٌ اَخْطَاَ يعني عوت صحيح چيو ۽ هڪ مرد خطا ڪئي.[2]

## اميراهلسنت سيرت فاروقي جا مظهر آهن

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِیَه سيرت فاروقي جا مظهر آهن، پاڻ پنهنجي مريدن ۽ تمام چاهڻ وارن جي سامهون پنهنجي ذات کي هڪ کُليل ڪتاب جيان رکيو آهي، پاڻ به سڀني کي هن ڳالهه جي اجازت ڏني آهي ته جيڪڏهن منهنجي ذات ۾ ڪابه شريعت جي خلاف ڳالهه ڏسو ته فوراً منهنجي اصلاح ڪيو، ايستائين جو پاڻ جڏهن مدني مذاڪرو(سوالن جوابن جو سلسلو)

---

[1] . الطبقات الکبریٰ لابن سعد،الطبقۃ الاولی ،ذکر استخلاف عمر،جلد:3 ،صفحہ:222۔
[2] کنز العمال،کتاب النکاح،الصداق،جز:16 ،جلد:8 ،صفحہ:226 ،حدیث:45792 ملتقطاً۔

ڪندا آهن تہ ان جي شروع ۾ چئي ڇڏيندا آهن: **اوهان سوال ڪيو، مان هر سوال جو جواب ڏئي سگهان ٿو ۽ ضروري ناهي، جيڪڏهن پل چڪ ڏسو تہ يڪدم منهنجي اصلاح فرمايو، مون ڪي پنهنجي موقف تي بلاوجھ ضد ڪندي نہ بلڪہ شڪريہ سان رجوع ڪندڙ لهندؤ.** سندن انهي اعليٰ ظرفي جي ڪري اڄ سڄي دنيا ۾ سندن لکين مريد آهن جيڪي سندن ارشادن تي دل ۽ جان سان عمل ڪندا آهن. الله پاڪ ماڻهن جي دلين ۾ سندن اهڙي محبت وجهي ڇڏي آهي جو ڪيئي ماڻهو بغير ڏسڻ جي ئي مريد بڻجي وڃن ٿا.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ڪي بہ هي انداز اپنائڻ گهرجي، اصلاح جي معاملي ۾ هميشہ اوپن ڈُور (*Open Door Policy*) پاليسي رکڻ گهرجي، يعني ڪوبہ ننڍو يا وڏو اسان جي اصلاح ڪرڻ چاهي تہ ان جي لاءِ دروازا کليل رکڻ گهرجن، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هن جا ڪيئي فائدا ٿيندا، ان جي برڪت سان هڪ تہ اسان جون غلطيون سڌرنديون، ڪردار سنورجندو، اصلاح ٿيندي رهندي ۽ گڏوگڏ هن انداز جي برڪت سان ماڻهن جي دلين ۾ محبت بہ وڌندي، عزت ۾ بہ اضافو ٿيندو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ اسان ڪي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (4) فاروق اعظم ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت

پيارا اسلامي ڀائرو! عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْہ جو هڪ پيارو پيارو وصف هي بہ آهي تہ پاڻ قرآن ڪريم سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا، قرآن ڪريم جي تلاوت وڏي ذوق ۽ شوق سان ڪندا هئا، ڪيئي ڀيرا تہ تلاوت ڪندي سندن ڪيفيت بدلجي ويندي هئي ۽ پاڻ خوف خدا سبب روئڻ لڳندا هئا.

حضرت عبد الله بن شَدَّاد رَضِیَ اللهُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْہ فجر نماز پڙهي رهيا هئا، نماز ۾ سُورت يوسُف جي تِلاوت

شروع ڪيائون، پڙهندي پڙهندي سوره يوسُف جي آيت نمبر: 84 تي پهتا، اللّٰه پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَابْيَضَّتْ عَيْنٰهُ مِنَ الْحُزْنِ فَهُوَ كَظِيْمٌ ﴿۸۴﴾ (پاره12، سوره يوسف:84) | ترجموڪنزُالعِرفان: ۽ يعقوب جون اکيون غم کان اڇيون ٿي ويون تہ هُو (پنهنجو) غم برداشت ڪندو رهيو. |

جڏهن حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اها آيت سڳوري پڙهي تہ زارو قطار روئڻ لڳا، روئيندا رهيا، روئيندا رهيا، پوءِ ڪافِي دير بعد رڪوع ڪيائون. [1]

## روئڻ سبب ساهہ اُکڙجي ويو

انهي طرح حضرت حَسَن رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي: هڪ ڀيري اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سورت طُور جي آيت: 7 ۽ 8 جي تِلاوت ڪيائون:

| | |
|---|---|
| اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ ﴿۷﴾ مَّا لَهٗ مِنْ دَافِعٍ ﴿۸﴾ (پاره27، سورة طور: 7 تا 8) | ترجموڪنزُالعِرفان: بيشڪ تنهنجي ربّ جو عذاب ضرور واقع ٿيڻ وارو آهي، ان کي ڪو ٽارڻ وارو ناهي. |

اهي آيتون پڙهي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ تي خوفِ خُدا جو غلبو ٿيو ۽ اهڙي رِقَّت طارِي ٿي جو روئيندي روئيندي سندن ساهہ اُکڙجي ويو ۽ ڪم و بيش 20 ڏينهن تائين سندن اها ئي ڪيفيت رهي. [2]

| | |
|---|---|
| ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ | میں تھر تھر رہوں کانپتا یاالٰہی [3] |

---

[1]…ڪنزالعمال، ڪتاب:الفضائل، جزء:12، جلد:6، صفحہ:264، حديث:35828۔

[2]…ڪنزالعمال، ڪتاب:الفضائل، جزء:12، جلد:6، صفحہ:264، حديث:35827۔

[3]…وسائل بخشش، صفحہ:105۔

**اي عاشقانِ رسول!** اهي آهن اسلام جا ٻيان خليفه، اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه...! کين قرآنِ ڪريم سان ڪيتري محبت هئي، پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه ڪيڏي محبت سان، ڪيتري پيار سان، قرآنِ ڪريم جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ گم ٿي، خوفِ خُدا سان قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪندا هئا، اسان بہ الحمد لله! مسلمان آهيون. ❁ اسان ٿورو پنهنجي اندر بہ جهاتي پائي ڏسون، ❁ هر ڪو پنهنجي باري ۾ غور ڪري تہ منهنجي دِل ۾ قرآنِ ڪريم جي ڪيتري محبت آهي؟ ❁ اهو اسان جو حق ٿئي ٿو، اسان پنهنجو پاڻ کان پڇون تہ ڪيترا ڏينهن ٿي چڪا آهن قرآنِ ڪريم کولي پڙهندي، ❁ اهو قرآن، اهو الله پاڪ جو پاڪيزه ڪلام، جيڪو الله پاڪ اسان جي هدايت جي لاءِ نازِل فرمايو، ❁ اهو قرآن جيڪو شِفَا آهي، اهو قرآن جيڪو جسماني بيمارين جي لاءِ بہ شِفَا آهي، ❁ جيڪو باطني بيمارين جي لاءِ بہ شِفَا آهي، اهو قرآن جنهن ۾ اسان جي رَبّ اسان جي لاءِ زِندگي جا اُصُول بيان فرمايا آهن، اسان هن قرآنِ ڪريم کي، هن پاڪيزه ڪلامِ اِلٰهي کي ڪيترو پڙهون ٿا، هن کي سمجهڻ جي ڪيتري ڪوشش ڪيون ٿا.

❁ جيڪڏهن موٽر سائيڪل هلائي رهيا هجون، موبائل جي گهنٽي وڄي، ڪنهن جو ميسج اچي تہ دِل ۾ هڪ هلچل مچي ويندي آهي، ❁ نماز پڙهي رهيا هجون، موبائل جي گهنٽي وڄي يا جنبش (*Vibration*) محسوس ٿئي تہ نماز کان ڌيان هٽي ويندو آهي تہ خبر ناهي ڪنهن جو ميسج هوندو، خبر ناهي ڇا چيو هوندو، خبر ناهي ڪنهن جي فون اچي رهي آهي، فارِغ ٿي هڪدم موبائل ڏسندا آهيون، ❁ نماز ۾ جيڪڏهن گهنٽي وڄي تہ بَس سلام ڦيرڻ جي دير ٿيندي آهي، بعض تہ دُعا گهرڻ جيترو بہ صبر ناهن ڪندا، پهريان موبائل ڏسندا آهن. غور فرمايو! ❁ اهو قرآن اسان جي رَبّ جو ڪلام آهي، ❁ هن ۾ اسان جي

لاءِ هدايت آهي، ۞ هن ۾ اسان جي لاءِ روشني آهي، ۞ هن ۾ اسان جي لاءِ نور آهي، هن ۾ اسان جي مسئلن جو حَل آهي، ۞ هن ۾ اسان جي پريشانين جو حل آهي، ۞ هن ۾ اسان جي مُعَاشِي مُعَاملات جو حل آهي، ۞ هن ۾ گهر جنّت جو گهوارو بنائڻ جا اُصُول آهن، ۞ هن ۾ زِندگي خوب صُورت بنائڻ جي طريقن جو بيان آهي، افسوس! افسوس! هن پاڪيزه ڪلام کي پڙهڻ جي لاءِ اسان جي دِل بي چين ناهي ٿيندي، هن کي سمجهڻ جي لاءِ اسان بيتاب نٿا ٿيون. ۞ ڪاش! اسان کي بہ قرآنِ ڪريم جي محبت نصيب ٿي وڃي.

۞ ڪاش! اسان بہ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، ۞ ڪاش! اسان بہ قرآنِ ڪريم کي سمجهڻ وارا بڻجي وڃون، ۞ ڪاش! فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ جو صدقو نصيب ٿي وڃي، ڪاش! اسان جي زِندگي قرآنِ ڪريم جي آئينہ دار ٿي وڃي.

## قرآن جنت ۾ وٺي ويندو

حضرت عبد الله بن مسعود رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: بيشڪ قرآن ڪريم شفاعت ڪرڻ وارو آهي ۽ هن جي شفاعت قبول بہ ڪئي ويندي، پوءِ جيڪو قرآنِ ڪريم کي پنهنجو امام ۽ پيشوا بڻائيندو، قرآن ڪريم ان کي جنت ۾ وٺي ويندو ۽ جيڪو قرآنِ مجيد کي پٺي (يعني ڇڏي) ڏيندو، قرآنِ مجيد ان کي جهنّم ۾ ڌڪي ڇڏيندو.[1]

گَرتُومِی خواهِی مُسَلْمَاں زِیْسْتَن | نِیْسْت مُمْکِنْ جُزْبَه قُرْآں زِیْسْتَن

ترجمو: جيڪڏهن مسلمان بڻجي زندگي گذارڻ چاهيو ٿا تہ بغير قرآن جي

[1]...مُصَنَّف عَبْدُ الرَّزَاق، باب: تعليم القران، جلد:3، صفحہ:229، حديث:6030۔

ايئن هر گز ممڪن نہ آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (5) فاروق اعظم ۽ ذڪرالله

پيارا اسلامي ڀائرو! عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي پيارن وصفن مان هڪ وصف هيءُ بہ آهي تہ پاڻ الله پاڪ جو ڪثرت سان ذڪر ڪندا هئا. حضرت امام جعفر صادق رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: كَانَ اَكْثَرُ كَلَامِ عُمَرَ اَللّٰهُ اَكْبَر يعني حضرت فارق اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي زبان تي اڪثر اَللّٰهُ اَكْبَر! اَللّٰهُ اَكْبَر! جو ذڪر جاري رهندو هيو.[1]

## پنهنجي عضون کي ڪارآمد بڻايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ ڪثرت سان الله پاڪ جو ذڪر ڪيون. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا ۪ (پاره9، سورة الاعراف: 180) | ترجموڪنزالعرفان: نهايت چڱا نالا الله ئي جا آهن تہ ان کي انهن نالن سان پڪاريو. |

مفسر قرآن مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هن آيت ڪريمہ ۾ الله پاڪ اسان کي حڪم ڏنو آهي تہ اي مسلمانو! ❁ توهان پنهنجي دل کي ❁ پنهنجي اکين کي. ❁ پنهنجي ڪنن کي.❁ پنهنجي عضون کي ڪارآمد بڻايو! ۽ اهو هن طرح ٿيندو تہ ❁ دل ۾ الله پاڪ جي ياد ويهاريو!. ❁ ان جي پيارن پيارن، چڱن، عزت وارن نالن کي سمجهو!. ❁ ڪنن سان انهن نالن کي ٻڌو. ❁

[1] رياض النضرة،الباب الثانی فی مناقب عمر بن الخطاب ،جز:2،الفصل التاسع،ذکر تعبده ،صفحہ:311۔

انهن نالن سان الله پاڪ کي سڏيو!. ❁ انهن نالن سان الله پاڪ جو ذڪر ڪيو! هن جي برڪت سان توهان جا عضوا بيڪار نہ رهندا. بلڪ ڪار آمد ٿي ويندا.[1]

| | |
|---|---|
| کاش لب پر مرے رہے جاری | ذِکر آٹھوں پہر ترا یارَبّ! |
| چشمِ تَر اَور قلبِ مضطر دے | اپنی الفت کی مَے پِلا یارَبّ! |
| نفس و شیطان ہو گئے غالِب | ان کے چنگل سے تُو چھڑا یارَبّ! (2) |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (6) فاروق اعظم خوف خدا واريون ڳالهيون ٻڌندا هئا

مسلمانن جي ٻئين خليفي عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ عَنْہ جو هڪ اهم ۽ پيارو وصف هي بہ آهي تہ پاڻ تمام گهڻو خوف خدا وارا هئا. ❁ خوف خدا ۾ روئڻ، ❁ ڳوڙها ڳاڙڻ. ❁ خوفِ خدا جي سبب گناهن کان بچندو رهڻ. ❁ نيڪ ڪم ڪندو رهڻ. ❁ خوفِ خدا جي سبب ٻانهن جا حقوق پورا ڪرڻ. ❁ خوفِ خدا جي سبب پنهنجي اعمال جو جائزو وٺندو رهڻ سندن اعمال جو حصو هيو. ❁ ۽ هڪ خاص ڳالھ هي بہ هئي تہ پاڻ دل ۾ خوف خدا وڌائڻ جي لاءِ خوفِ خدا واريون ڳالهيون ٻڌندا رهندا هئا. جيئن تہ هڪ ڀيري پاڻ رَضِیَ اللہ عَنْہ حضرت ڪعبُ الاحبار رَضِیَ اللہ عَنْہ کي ارشاد فرمايو: اي ڪعب! اسان کي ڪجھ ڊپ واريون ڳالهيون ٻڌائي! حضرت ڪعب الاحبار رَضِیَ اللہ عَنْہ حڪم تي عمل ڪندي عرض ڪيائون: يا اميرالمومنين! جيڪڏهن اوهان قيامت جي ڏينهن ستر انبيائن جا اعمال بہ آڻيو تڏهن بہ محشر جا احوال ڏسي ان کي تمام گهٽ سمجهڻ لڳندؤ، اهو ٻڌي امير المومنين رَضِیَ اللہ عَنْہ ڪجھ دير جي لاءِ مٿو جهڪائي ورتو پوءِ

[1] تفسيرِ نعيمى،پاره:9، الاعراف،زيرِ آيت:180، جلد:9، صفحہ:386 خلاصةً ـ
[2] ...وسائلِ بخشش،صفحہ:79 ملتقطًا ـ

جڏهن (رقت ۾) افاقو ٿيو (يعني ڪمي آئي) تہ ارشاد فرمايائون: اي ڪعب وڌيڪ ٻڌايو، عرض ڪيائون: يااميرالمومنين! جيڪڏهن جهنم مان ڏڳي جي ناسن جيترو حصو اوپر پاسي کوليو وڃي تہ اولهہ پاسي موجود شخص جو دماغ ان جي گرمي جي ڪري ٽهڪي ڪري وهي وڃي، ان تي عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ڪجهہ دير جي لاءِ مٿو جهڪايائون(۽ آخرت جي فڪر ڪرڻ لڳا).[1]

## ڪاش اسان کي بہ خوفِ خدا نصيب ٿي وڃي

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! مسلمانن جي ٻئين خليفي، قطعي جنتي صحابي عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فڪر آخرت واريون ڳالهيون ٻڌندا هئا ۽ پاڻ فرمائش ڪري ٻڌندا هيا، هاڻي ٿورو غور ڪيو! اسان جا ٻڌڻ پسند ڪيون ٿا؟ اسان وٽ ماٺهو ڳائڻ وڄائڻ ٻڌڻ جا شوقين آهن. ڪاميڊي ٻڌڻ جا شوقين آهن. اسان کلڻ کلائڻ واريون ڳالهيون ٻڌون ٿا. غفلت وڌائڻ واريون ڳالهيون ٻڌون ٿا. دل تي ڪٽ چاڙهڻ واريون ڳالهيون ٻڌون ٿا، افسوس! افسوس! اسان جي معاشري ۾ غيبت وڏي شوق سان ٻڌي ويندي آهي. پنهنجي مسلمان ڀائرن جون برايون ٻڌڻ ۾ مزو ايندو آهي. سڄي دنيا جون خبرون ٻڌڻ پسند هوندو آهي. ڪاش! اسان کي عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو فيضان نصيب ٿي وڃي! ڪاش اسان بہ. فڪر آخرت واريون ڳالهيون ٻڌندا ڪريون. خوفِ خدا واريون ڳالهيون ٻڌندا ڪيون. نيڪيون وڌائڻ واريون ڳالهيون ٻڌون. نعتون ٻڌون. تلاوتِ قرآن ٻڌون. سنتن ڀريا بيان ٻڌون. علمِ دين جون ڳاليهون ٻڌون. حديثُون ٻڌون، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! غفلت ڀري ٿيندي، دل جي ڪٽ لهندي، گناهن کان نفرت ملندي، نيڪيون ڪرڻ جي رغبت نصيب ٿيندي ۽

[1] ... حلية الاولياء،ڪعب الاحبار،جلد:5 ،صفحہ:404 ،رقم:7529 ملتقطًا۔

الله پاڪ چاهيو تہ اسان نيڪ پرهيزگار. سنا ۽ باڪردار مسلمان بڻجڻ ۾ ڪامياب (*Successful*) ٿي ويندا سين.

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی!
گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی!
ہو اَخلاق اچّھا ہو کردار سُتھرا
مجھے متّقی تُو بنا یاالٰہی![1]

## ڪتاب"فيضانِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ" جو تَعارُف

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان هن مختصر وقت ۾ مسلمانن جي ٻئين خليفي، قطعي جنتي صحابي عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جا ڪجهه اعلي وصف ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، الله پاڪ اسان کي هي پاڪيزه اوصاف اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي! الحمدالله دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبۃ المدينہ حضرت عمرفاروق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي سيرت تي هڪ ڪتاب شايع ڪيو آهي جنهن نالو آهي"**فيضانِ فاروق اعظم**". هي ڪتاب 2 جلدن تي مشتمل آهي، هن ۾ عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي پيدائش کان وني ڪري شهادت تائين جي شاندار تفصيل موجود آهي، هن کي ڪتاب کي ضرور حاصل ڪيو! پاڻ بہ پڙهو! گهر وارن، دوستن ۽ ڄاڻ سڃاڻ وارن کي بہ هن ڪتاب جي ترغيب ڏياريو.

انهي طرح شيخ طريقت، امير اهل سنت جو هڪ مختصر رسالو آهي: "ڪراماتِ فارقِ اعظم". هي بہ نهايت ئي پيارو ۽ معلوماتي رسالو آهي، ان کي بہ پڙهو! بلڪ گهر ۾ هن رسالي مان درس ڏيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ثواب بہ ملندو ۽ تمام گهڻي معلومات بہ حاصل ٿيندي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]...وسائل بخشش، 102-104.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! هن پُرفتن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي، الحمدلله! دعوتِ اسلامي نيڪ، نمازي بڻائڻ واري، سڄي دنيا ۾ سنّتن کي عام ڪرڻ واري ديني تحريڪ آهي، توهان به دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال به آهي. هيءُ مختصر رسالو مكتبةُ المدينه کان طلب ڪيو ۽ چاهيو ته دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ (www.dawateislami.net) تان ڊاؤن لوڊ ڪري وٺو بلڪ وڌيڪ آساني گهرو ٿا ته پنهنجي موبائل ۾ *Naik Amal* ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري وٺو، ان ۾ مختلف نيڪ اعمال تي مشتمل سوالات ڏنا ويا آهن، هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضيءَ جو ڪو به وقت مقرر ڪري پنهنجي اعمال جو جائزو وٺو، ۽ ان جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻجندو، دل کي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار صاف سٿرو، نکريل نکريل، خوبصورت ٿي ويندو. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار پڙهون ٿا:

## پورو گهراڻو سُڌري ويو

ضلع اٽڪ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، مان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هيس، فلمون ڏسڻ، آوارا گردي ڪرڻ، نمازون قضا ڪرڻ وغيره منهنجي معمولات ۾ شامل هو، هڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي مغرب جي نماز پڙهڻ ۽ بيان ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، منهنجي خوش نصيبي جو مان انهن سان گڏ مسجد هليو ويس، مغرب کان بعد بيان ٻڌي ڪري وڏو لطف آيو، بيان

جي آخر ۾ مبلغ نيڪ اعمال رسالي جو تعارف (*Introduction*) ڪرايو، رسالي نيڪ اعمال ۾ لکيل نيڪين پري زندگي گذارڻ جا مدني گُلَ ڏسي ڪري مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي، ان رسالي جي صورت ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو اصلاحِ امّت جي لاءِ جذبو ڏسي ڪري مون هٿون هٿ بيعت جي لاءِ نالو ڏئي ڇڏيو ۽ عطاري بڻجي ويس، وقت جي ڪامل ولي سان نسبت جا ٿي، دل گناهن کان بيزار ۽ نيڪين جي طرف مائل ٿي وئي، مون گناهن کان توبهه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کي دل ۽ جان سان اپنائي ورتو، ان جي برڪت سان منهنجا اخلاق سنا ٿيڻ لڳا، منهنجي ان تبديلي جو منهنجي گهر وارن تي به چڱو اثر ٿيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! آهسته آهسته پورو گهراڻو ئي قادري، رضوي، عطاري بڻجي ويو، گهر ۾ نمازن جي پابندي شروع ٿي وئي، فلمون ڊراما، گانا باجا بند ٿي ويا ۽ گناهن پري چينلز جي جڳهه مدني چينل هلڻ لڳو.

خوب مَدنی قافلوں کی دھوم ہو
نیک ہو اُمّت اے نانائے حسین!
مَدنی اِنعامات کی ہو ریل پیل
نیک ہو اُمّت اے نانائے حسین!

نوٽ: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ مدني انعامات کي هاڻي نيڪ اعمال چيو ويندو آهي.

## المدينہ آن لائن لائبريري

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي مجلس I.T ڏينهو ڏينهن اسان کي عِلمِ دين سکڻ جا آسان ذريعا فراهم ڪرڻ ۾ مَصرُوف آهي. سوين ڪتابن ۽ رسالن تي مشتمل المدينہ آن لائن لائبريري جيڪا پهريان صرف ڊيڪس ٽاپ ورجن (Desktop version) ۾ هئي، هاڻي ويب ورجن (Wev version) ۾ لائيو (Live) ڪئي وئي آهي. المدينہ آن لائن لائبريري ۾ مڪتبة المدينہ جي مختلف موضوعن (مثلاً قرآن ۽ سُنّت، عقائدِ اسلام، فقہ و فتاويٰ، اسلامي

تعليمات، اخلاق و آداب، سيرتِ رسولِ عربي، سيرتِ امهاتُ المؤمنين، سيرتِ صحابہ و صحابيات، سيرتِ اولياءِ ڪرام، سيرتِ امير اهلسنت، ملفوظاتِ اميرِ اهلسنت ۽ فيضانِ مدني مذاڪره، اوراد و وَظائف ۽ نعتيہ ڪلام وغيره) تي مشتمل ڪتاب ۽ رسالا موجود آهن. المدينہ آن لائن لائبريري مان فائدو کڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net/bookslibrary وزٽ ڪيو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهہ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي:

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّة

يعني جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## شڪر ڪرڻ سُنّت آهي

2فرامينِ مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ (1): الله ڪريم کي اها ڳالهہ پسند آهي تہ ٻانهو هر گرهہ ۽ هر ڍڪ تي الله ڪريم جو شڪر ادا ڪري. (2): پنهنجون زبانون ذڪر سان ۽ دل شُڪر سان تر رکو!

اي عاشقان رسول! شُڪر ڪرڻ سُنّت آهي ❁ الله جي آخري نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪثرت سان شڪر ڪندا هئا ❁ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن

[1] ... مشڪاة الصابيح،ڪتاب الايمان،باب الاعتصام بالڪتاب والسنۃ،الفصل الثانی،۱/۵۵،حديث:۱۷۵

ناشڪري نہ ڪئي ❁ شڪر اعليٰ عبادت آهي ❁ شڪر ڪرڻ سان نعمت ۾ اضافو ٿيندو آهي ❁ مسلمان ڪي نعمت ملي، تہ شڪر ڪري، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللہ! عذاب کان محفوظ رهندو

**شڪر ڪرڻ جو طريقو:** ❁ حضرت ابو بڪر شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نعمت ڪي ڏسڻ بدران، نعمت ڏيڻ واري تي نظر رکڻ شڪر آهي. مثلاً اوهان ڪي سيلري ملي، هي بہ نعمت آهي، امتحان ۾ پاس ٿيا، پٽ يا ڌيءَ جي ولادت ٿي، نماز جي توفيق ملي، روزو رکڻ جي سعادت ملي، صدقو ڏنو وغيره ڪا بہ نعمت ملي تہ هاڻي ان نعمت تي نگاهہ نہ رکجي بلڪ سوچي: الله هي نعمت عطا ڪئي، نعمت جي نسبت پنهنجي طرف نہ ڪريو، الله پاڪ جي طرف ڪريو ❁ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نعمت سان نيڪي جو ارادو ڪرڻ **دِل جو شڪر** آهي. زبان سان الله پاڪ جي حمد ۽ ثناء ڪرڻ **زبان جو شڪر** آهي. الله ڪريم جي ڏنل نعمت ڪي عِبَادت ۾ خرچ ڪرڻ، ان ڪي گُنَاهہ ۾ استعمال ٿيڻ کان بچائڻ **باقِي اعضاء** جو شڪر آهي.

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبۃُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

الفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خدا
چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نم
لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان ڪي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْھُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]… مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305

[2]… ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455